SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1974

SINDH ACT NO.XIV OF 1974

طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، 1974

THE SINDH UNLAWFUL SALE AND STOCKING FOR SALE OF MEDICAL EQUIPMENT AND DRUGS ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، احاطو شروعات

Short Title extent and commencement

2. وصفون.

Definitions

3. طبي آلات ۽ دوائن جي غيرقانوني فروخت

Unlawful sale of drugs and equipment

4. اجازت ۽ اختيار کانسواءِ آلات ۽ دوائن جو نيڪال

Unauthorized disposal of drugs and equipment

5. مقدمو

Trial

6. ضبطگي

Confiscation

7. قاعدا

Rules.

سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 1974
SINDH ACT NO.XIV OF 1974
طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، 1974
THE SINDH UNLAWFUL SALE AND STOCKING FOR SALE OF

MEDICAL EQUIPMENT AND DRUGS ACT, 1974

[9 نومبر 1974]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ سرڪار جي دوائن ۽ طبي آلات کي غير قانوني طور تي ڪپائڻ ۽ ذخيري ڪرڻ تي سزا ڏني ويندي.

مختصر عنوان، احاطو ۽ شروعات
Short Title extent and commencement

تقاضا آهي ته هڪ ايڪٽ جوڙيو وڃي ته جيئن سنڌ سرڪار جي دوائن ۽ طبي آلات کي غيرقانوني طور تي ڪپائڻ ۽ ذخيري ڪرڻ تي سزا ڏئي سگهجي.

وصفون.
Definitions

ان ڪري هن ريت ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي:

1. (1) هن ايڪٽ کي طبي آلات جي غيرقانوني فروخت ۽ ذخيره اندوزي وارو سنڌ ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) اهو سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.

(3) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

2. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي تناظر جي تقاضا خلاف نه آهي ته هن هيٺ ڏنل اظهار، لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ٿيندي:

(a) ”بااختيار“ جو مطلب آهي جيڪو هن ايڪٽ جي قاعدن مطابق بااختيار بڻايو وڃي؛

طبي آلات ۽ دوائن جي غيرقانوني فروخت
Unlawful sale of drugs and equipment

(b) ”دوا“ جو مطلب آهي، جنهن جي وضاحت درگ ايڪٽ، 1940 (ايڪٽ XXIII مجريه 1940) جي دفعه 2 جي شق (b) ۾ ڄاڻائي وئي آهي.

(c) ”آلات“ جو مطلب آهي اهي اوزار جيڪي طبي يا جراحيءَ مقصد خاطر هجن.

اجازت ۽ اختيار ڪانسواءِ آلازت ۽ دوائن جو نيڪال
Unauthorized disposal of drugs

(d) ”گورنمينٽ“ جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

(e) ”سرڪاري نشاني“ جو مطلب آهي ڄاڻايل نشاني.

(f) ”ڄاڻايل“ جو طلب آهي جيڪو هن ايڪٽ جي

and equipment

قاعدن ۾ تجويز ڪيل هجي.

مقدمو
Trial

3. جيڪو به ڪنهن اختيار اجازت ڪانسواءِ سرڪاري نشان واريون دوائون يا آلات وڪرو ڪندو، ورهائيندو، گڏ ڪندو يا ان جي نمائش ڪندو ته هن کي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ٽن سال تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ڏنڊ سميت جيڪو ڏهن هزارن تائين جو ڪري سگهجي ٿو، يا ٻئي گڏيل ڏنڊ ۽ جيل.

ضبطگي
Confiscation

قاعدا
Rules.

4. ڪو به ماڻهو جيڪو ڪنهن اختيار ڪانسواءِ سرڪاري نشان لڳل دوائون يا طبي اوزار نيڪال ڪندو، يا نيڪال ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو ته هن کي جيل جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن سال جي مدي تائين وڌائي سگهجي ٿي، يا ان تي ان سان گڏ ڏنڊ به وجهي سگهجي ٿو، جيڪو ڏهه هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو. يا ڪيس جيل ۽ ڏنڊ جي گڏيل سزا ڏئي سگهجي ٿي.

5. هن ايڪٽ هيٺ ڪنهن به ڏوهه جو مقدمو اهو فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ هلائيندو، جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ سرڪار اختيار ڏنو هوندو ۽ جيڪو ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (ايڪٽ V مجريه 1898) جي مطابق هوندو.

6. سرڪاري نشان واري دوا ۽ اوزار جيڪي هن ايڪٽ هيٺ ضبط ڪيا ويندا، اهي حڪومت جي حوالي ٿيندا.

7. هن ايڪٽ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.